ڊاڪٽر نواب ڪاڪا

# زبيده ميتلو: رومانس، جدوجهد ۽ جديديت پڄاڻا لقائن جي ڪهاڻيڪار


## *Abstract:*

*Zubaida Metlo is a renowned Sindhi short story writer whose works delve into a broad spectrum of themes, blending social issues, human emotions, and philosophical reflections. Her stories frequently address critical topics such as feminism, climate change, human rights, and the struggles faced by marginalized groups. Through her narratives, Metlo brings attention to the plight of animals, trees, and all living beings, urging for their rights and preservation in a rapidly changing world*

*In her stories, Metlo portrays the complexity of love and romance, while also reflecting on the struggles and resilience of individuals. Her exploration of postmodernism introduces fragmented narratives, multiple perspectives, and challenges to traditional storytelling structures, further emphasizing the complexity and fluidity of human experiences. The themes of struggle, whether personal, societal, or environmental, form a crucial part of her literary work, urging readers to reflect on the interconnectedness of all life forms and the consequences of neglecting their rights and dignity. Through her short stories, Zubaida Metlo skillfully blends empathy with social critique, making her works a powerful tool for raising awareness and fostering dialogue on these urgent issues.*


**ڪهاڻي** زندگيءَ جي لاتعداد وڪريل رنگن مان جنم وٺي ٿي. وسيع مطالعو، مشاهدو ۽ سماجي وارتائن ڪي گهرائيءَ سان محسوس ڪندڙ ليکڪ سماج مان پنهنجا موضوع چونڊي فن جي خوبصورتيءَ سان شاهڪار تخليق ڪري ويندو آهي. اندر جي اُڇل ۽ آرٽ جي حسين سنگم سان تخليق ٿيل ڪهاڻي پڙهندڙ جي حواسن تي ڇانئجي ويندي آهي. پڙهندڙ جي سوچ ۽ تصورن کي پاڻ وٽ سوگهو ڪندڙ تحرير مان سوال اُٿي ٿو تہ هي ڇا جو اثر آهي؟ ڇا هي سڀ آرٽ آهي؟ خوبصورت ٻوليءَ جو اثر آهي يا ليکڪ جي اندر جي درد جي اُڇل آهي؟ جواب آهي شاهڪار ڪهاڻي انهن سڀني جي ميلاپ مان جنم وٺي ٿي.

عالمي ادب ۾ ڪهاڻيءَ جي شروعات ارڙهين صديءَ کان ٿي . اليگزينڊر پشڪن، نڪولائي گوگول، وڪٽر هيوگو، ڪافڪا، گورڪي، ٽالسٽاءِ، اوهينري، چيخوف، موپاسان، گارشيا مارڪيز، ميلان ڪنڊيرا ۽ ٻيا ڪيترائي ليکڪ آهن، جن افسانوي ادب جا شاهڪار تخليق ڪيا آهن. سنڌي ادب ۾ جديد ڪهاڻيءَ جي شروعات 1914ع ۾ لالچند امرڏني مل جي ڪهاڻي ’حر مکيءَ جا‘ کان ٿي. 1923ع ۾ ڄيٺمل پرسرام سرمائيدارن ۽ ڌرمي دعويدارن جي براين تي ’چمڙا پوش جون آکاڻيون‘ نالي سان ڪهاڻين جو مجموعو شايع ڪرايو. 1930ع ۾ امر لعل هڱوراڻيءَ جي سنڌي ادب جي بهترين ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ شايع ٿي. 1947ع تائين عثمان علي انصاري، آسانند مامتوراءِ، مرزا نادر بيگ، گوبند مالهي، گوبند پنجابي، شيخ اياز، سوڀي گيانچنداڻي ۽ ٻين ليکڪن بهترين ڪهاڻيون لکيون. 1947ع کان پوءِ اياز قادري ۽ جمال ابڙي جي همعصرن ڪهاڻيءَ ۾ پاڻ ملهايو، نسيم کرل، امر جليل، ماهتاب محبوب، آغا سليم، علي بابا، قاضي خادم، غلام نبي مغل ۽ ٻيا ڪيترائي اهم نالا آهن، جن تمام سٺو لکيو آهي. انهن کان پوءِ منير احمد ماڪ، مدد علي سنڌي، شوڪت حسين شوري ۽ مشتاق شوري جي ٿهي آهي جن جديد ڪهاڻيءَ جي سفر کي اڳتي وڌايو.

سنڌي ڪهاڻيءَ جي هن سفر ۾ عورت ڪهاڻيڪارائن پڻ تمام سٺو لکيو آهي. ثميره زرين، بيگم زينت چنا، رشيده حجاب، ماهتاب محبوب، نورالهديٰ شاهہ، خيرالنساءَ جعفري ۽ ٻيون ليکڪائون شامل آهن. ڪهاڻيون لکندڙ هنن عورت ليکڪائن جي سٽ ۾ موجوده دور ۾ زبيده ميتلو بہ هڪ نهايت اهم ڪهاڻيڪاره آهي.

زبيده ميتلو جون ڪهاڻيون 1979ع کان شايع ٿيڻ شروع ٿيون . سندس ڪهاڻي ’واپسي‘ 1979ع ۾ ڪرم الاهي چنا پاران سهيڙيل مجموعي ’آرزو‘ ۾ شايع ٿي هئي. شروعات زبيده ڪنول جي نالي سان ڪئي ۽ بعد ۾ زبيده ميتلو جي نالي سان سندس تحريرون شايع ٿيون. ’واپسي‘ ڪهاڻيءَ ۾ عورت جي هڪ اهڙي هنيلي ڪردار کي پيش ڪيو ويو آهي، جنهن کي پنهنجي گهر، خاندان جي دولت ۽ رُتبي تي تمام گهڻو هٺ آهي. هوءَ پنهنجي گهر واري ۽ سندس مائٽن کان سخت بيزار آهي. وقت بدلجي ٿو، جڏهن اها دولت نہ رهي تہ کيس پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو، ائين ڪردار جي واپسي ٿئي ٿي. حالتون واقعا بلڪل فطري محسوس ٿين ٿا. ٻوليءَ جي خوبصورتيءَ سان گڏ ڪردارن جي نفسيات کي مهارت سان پيش ڪيو ويو آهي. ان بعد ٽماهي مهراڻ رسالي جي 1987ع جي ٻئي شماري ۾ سندس ڪهاڻي ’تنهنجو ڏانءُ ڏوهاري آهي‘ جي نالي سان شايع ٿي. مهراڻ ۾ سندس ٻي ڪهاڻي 1994ع جي پهرين شماري ۾ ’ڪڙا منهنجي ڪنڌ جا‘ نالي سان شايع ٿي. ڊگهي خاموشيءَ بعد سال 2022ع ۾ زبيده ميتلو جو طويل ڪهاڻين جو مجموعو ’يارم پيارم‘ جي نالي سان شايع ٿيو آهي. هن مجموعي جو مختصر مهاڳ، نورالهديٰ شاهہ ’زبيدد ميتلو جو پنر جنم‘ جي عنوان سان لکيو آهي. پنهنجي پاران ۾ ليکڪا پنهنجي ڪهاڻين جي پس منظر، سياسي سماجي حالتن جو تجزيو، ڌرتيءَ سان محبت ۽ ٻين موضوعن تي تفصيل سان لکيو آهي. 604 صفحن تي مشتمل هن مجموعي ۾ ڏهہ ڪهاڻيون شامل آهن. هن مجموعي جي پهرين ڪهاڻي ’پريم تنهنجا پار‘ جي نالي سان آهي. ڪهاڻيءَ ۾ درو ۽ ڪاشا جا ٻہ اهم ڪردار آهن.ٻئي دنيا جي وسعتن جا مسافر، ڪوهہ پيما، سوچن جي سمنڊ ۾ گم آهن. ان ۾ لاڏائو قبيلن ڏکن ڏولاون کي بہ بيان ڪيو ويو آهي. نو ميڊ سرحدن جي متپيد کان مٿاهان ڪردار ، دنيا کي پنهنجي اک سان ڏسن ٿا. مزاج جي هڪ جهڙائي کين ويجهو آڻي ٿي. آرٽ ۽ آرٽ جي بي قدري ، ڪردارن جي اندر احساس ۽ تصورن جو هڪ اجهاڳ سمنڊ آهي، جنهن ۾ ٻئي لڙهندا رهن ٿا. درو قومپرست سياسي ڪارڪن بہ رهيو آهي. ڪاشا دنيا کي وڙندڙ ڪردار آهي. ڪهاڻيءَ کي ڪردار اڳتي وڌائڻ بجاءِ ليکڪا جا ڪردارن متعلق ڪيترن ئي صفحن تي پکڙيل تشريحي پئراگراف ڪهاڻي کي اڳتي وڌائين ٿا. ڪهاڻي مڪمل رومانوي ۽ انساني جدوجهد جو داستان آهي. ڪنهن پنٽي پيل ديس جو رهواسي پنهنجي ڪاهوڙڪي سوچ سبب پرڏيهہ جهاڳي حياتيءَ جا نوان رنگ پسي ٿو. لکي ٿي، ”هي پهريون پيرو هو جو هو همٿ ڪري، پنهنجي خطي کان گهڻو پري نڪري اجاتل مختلف ۽ دلچسپ هنڌن، ماڳن تي پهتو هو. جيڪي خطرن کان خالي تہ نہ هئا، پر سندس جاکوڙ ۽ ڪاهوڙ ي کوجنا مطابق زرخيز ۽ اتساهيندڙ هئا.“[۱] ڪهاڻيءَ رومانس ۽ جدوجهد جو حسين سنگم آهي. انساني ڪردار کي سوپارو ڪرڻ، ڏکين حالتن کي مات ڏيڻ لاءِ ڪيترائي سگهارا مڪالما ڪهاڻيءَ ۾ موجود آهن. لکي ٿي، ”تو پنهنجي مجبوري وچوڙي وقت ٻڌائي هئي. پر ناممڪن کي ممڪنات ۾، حيرت جي حد تائين انسان ئي بدلايو آهي. هي تنهنجا رياستي ۽ سماجي پنجوڙ تڏهن تيچ ثابت ٿيندا جڏهن تون انهن کي پاڻ تي حاوي نہ ڪرين ۽ ذهني خلفشار کان آجو هجين تون وڏي سگهہ رکين ٿو ۽ انهن جو توڙ ڪڍي سگهين ٿو. ساپيا اوس ٿيندي جي تون سچن سپنن سان سلهاڙيل رهين.“[۲] جو ٻولي ادب، سماج، شناخت جي بحران کان وٺندي عالمي سطح جا موضوع ڪهاڻيءَ ۾ شامل آهن. ڪهاڻيءَ جي فن ۾ اختصار ان جو هڪ جز آهي. ليکڪ تي ڇڏيل آهي تہ هو اختصار ۾ ڪيئن ٿو خيالن جي ڪائنات کي سمائي. اها ئي آرٽ جي حسناڪي آهي. هيءَ طويل ڪهاڻي جدوجهد ۽ رومانس جو داستان آهي.

ہي ڪهاڻي ’ليٽ اٽ گو‘ جي نالي سان آهي. زبيده جي ڪهاڻين جي خاص خوبي پيش ايندڙ واقعن ۽ لقائن جي هر رُخ کي باريڪ بينيءَ سان بيان ڪرڻ ۽ ٻوليءَ جي خوبصورتي آهي. ليکڪ جيڪڏهن ٻوليءَ ۾ شاهوڪار آهي ته پوءِ هو لفظن ذريعي نه صرف احساسن جا دل کي ڇهندڙ چٽ چٽيندو آهي، پر ڪردارن جون به اهڙيون حسين تصويرون ٺاهي ويندو آهي، جيڪي پڙهندڙ کي ڪاغذ جي بي جان پنن مان جيئريون جاڳنديون محسوس ٿينديون آهن. هن ڪهاڻيءَ ۾ شهربانو جي مرڪزي ڪردار جو عڪس هن طرح پيش ڪيو ويو آهي: ”شهربانو دراوڙ آهي، جيڪا پستائي رنگ مائل، بلوري ماڻڪين سبب اڪثر شيري سڏبي هئي. ڪنهن گهري کوهه ۾ جر مٿان جرڪندڙ يا سپيءَ منجهه پاري وانگر پيون ترڪنديون هيون. سندس ماڻڪين ۾ قهر جي قدرت سمايل هئي. مٿان وري تير ڪمان جهڙا ڪارا ڀرون، ٻٽڻ نما بينڙو نڪ، رت ڀريل ڳاڙهسرا ٿلهڙا چپ، پنهنجي ڪرشماتي مرڪ سان پيا موهيندا هئا. شيريءَ جي ڇهري جو وچون حصو نڪ سميت لونڊڙين جي ٻج ٽائين ريٽو رتڙو، شيد چِڏيندڙ، ڳٽن جا چگهه ،ڊگها گهاٽا چلڪندڙ نر وار، ويڪرو نرڙ، ڪاڏيءَ تي هلڪڙو ڪپ، ڏسندڙ کي ڪنهن ڪن ۾ گهوماٽيون ڪارائڻ لاءِ ڪافي هئا. مٿان وري ساڄي پاسي ڳل تي ڪارو تر جڻ ته سندس سونهن مٿان درباب ٻٽيو بيٺل هجي. چلڪندڙ لسي ۽ ملائم ڊارڪ چاڪليٽي چمڙي، چيتي جهڙي سنهڙي چيلهه، مور جهڙي من موهيندڙ چال، قد پنج فوٽ چار انچ ۽ ٻت بيهڪ جي حساب سان ڪارساز جي ڪا ڪرامت هئي.“[۳] ڪردار جي حسين تصوير لفظن جي ذريعي پڙهندڙ جي اکين اڳيان اڀري اچي ٿي. ڪهاڻيءَ ۾ سنڌ جي تاريخ ، افسانوي ڊائجسٽ ، ذات پات، خاندان جا فرق، عورت جو مستقل مزاجيءَ سان ڪنور دل سماج سان مقابلو، طويل جدوجهد، سماجي سڌارو، برابري امن ۽ انصاف لاءِ ڪوشش ۽ منزل جي حاصلات جهڙا موضوع هن طويل ڪهاڻيءَ ۾ موجود آهن. زبيده هر ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجي خيالن ۽ تصورن کي ايتري اوچي اُڏام ڏني آهي، جو انهن جو مجموعي طور ٿورن لفظن ۾ تجزيو ڪرڻ مشڪل آهي. ڪردارن ۽ مختلف واقعن جا ڪيترائي تهه کوليندي وڃي ٿي.

بوڪر پرائز ماڻيندڙ برطانوي ليکڪ جولين بارنيس ان حوالي سان پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چيو آهي، ”جڏهين ڪو فڪشن لکڻ وهندو آهي ته سندس بنيادي ڪم اهو هوندو آهي ته هو دنيا جي مٿاڇرين حقيقتن جي ابتڙ دنيا جي گهٽن پاسن ۽ تهه در تهه حقيقتن جي اولڙن کي فڪشن ۾ سمائيندو وڃي.“[۴] اهڙي طرح فڪشن ماضي حال ۽ مستقبل جي ڪيترن ئي واقعن، سچاين ۽ امڪانن کي پڙهندڙ جي سامهون آڻي ڇڏي ٿو. حالتن کي بدلائڻ لاءِ طويل جدوجهد، ڏاهپ مقصد سان رومانس ئي انسان کي منزل تائين پهچائين ٿا. لکي ٿي، ”مان سمجهان ٿي ته: ”انسان بنيادي طور آرام پسند هوندي به هر دور ۾ مها جاکوڙي ۽ خطرا کڻڻ جي ڪري تبديل پسند ۽ گهڻ رخو سماجي جانور رهيو آهي.“[۵] زبيده جي هيءَ ڪهاڻي عورت جي علم دوست، جاکوڙي ۽ ڏاهپ سان اڳتي وڌندڙ ڪردار جي طويل ڪٿا آهي. هن مجموعي جي ٿي ڪهاڻي ’ايگو شيگو‘. مرد جي ڏاڍ جبر ۽ عورت ڏانهن سندس بي حس وحشت ڀريل رويي تي مشتمل آهي. ڪهاڻي سماج جي پوسٽ ماڊرن لقائن ۾ عورت جي پيڙجندڙ ڪردار کي پيش ڪري ٿي. پيار جو ناٽڪ، پرٽو، عورت جيڪا سماج جي سيني معاملن کي پٽ ڏئي جنهن پيار جي سهاري جيئڻ چاهي ٿي، اهو ڪوڪلو هو. ان مرد کي پيار نه پر پنهنجي وندر لاءِ صرف عورت جو جسم گهربو هو. ٻئي طرف آرٽسٽ گهراڻي جي نهايت سُلجهيل باوقار عورت آهي، جيڪا هن گهر ۾ دوزخ جهڙي ماحول ۾ رهي ٿي. طرح طرح جو ظلم تشدد سهي ٿي، اميد سان ٿيڻ سبب مڙس سخت ڪاوڙ ۾ آهي، ڪيس ٻار ڪيرائڻ لاءِ نه صرف لفظن ذريعي ذليل ڪري ٿو، پر سخت تشدد پڻ ڪندو رهي ٿو. ڪهاڻي پيار جي پرٽي ۾ پيڙهجندڙ عورت جي درد ڪٿا آهي.

ڪهاڻيءَ جي ٻولي، سپڪ، عام فهم ۽ ڪردارن جي ڪيفت جي تفصيل سان تشريح ڪندڙ ڊائلاگ موجود آهن. منظر نگاري، ڪردار نگاري حقيقت جي سمورن رنگن سان ڀرپور آهن. تخقليقڪار ڪردارن جي مختلف نفسياتي رخن کي باريڪ

بينيءَ سان پيش ڪيو آهي. جديديت پڄاڻان جي مختلف لقائن جون ڪيترين ئي صورتون سماج ۾ نظر اچن ٿيون. جن ۾ سطحيت، ڏيکاءَ جي بنياد تي دنيا کي دوکو ڏئي مفاد حاصل ڪرڻ شامل آهي. سچائي، وفاداري ۽ اعليٰ اخلاقي قدرن جي ڪا ضرورت ناهي. اهڙا ڪيترائي مثال هن ڪهاڻيءَ ۾ موجود آهن، لکي ٿي، ”منهنجو مڙس گهر کان ٻاهر اعليٰ ڪردار، مثبت سوچ رکندڙ، مها ڏاهو ۽ طلسماتي شخصيت جو مالڪ هو. سندس گفتار پر مغز ، منڙي نرم جهيڻي لهجي واري ۽ خوش مزاجيءَ سان ڀريل هئي. پر، مون سان سندس تعصب ڀريل روايتي ۽ نظرياتي سنگهرن ۾ قاتل عداوتي ورتاءُ. ’اندر ڪارو ڪانءُ ٻاهر ٻولي هنج جي‘.“[٦] سندس شخصيت جا ٻتا معيار مون تي عيان ٿيندا رهيا. سندس ابتن خيالن جو قهر مون تي وچ ٻڌجي ڪڙڪندو رهيو. جنهن جو شڪار منهنجو اڻ ڇاول ٻار به ٿي رهيو هو. هيءُ آهي اڄ جي دانشور جو اصلوڪو روپ جنهن کي هن ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. سماج جي پڙهيل لکيل باشعور عورت پنهنجي شعور جي ڪري سڄي زندگي عذاب ڀوڳڻ تي مجبور آهي. توڙي جو ڪهاڻيءَ ۾ عورت جي اهڙين ذلتن واري حالتن ۾ به حوصلو، همت ۽ جيڪا خوداعتمادي ڏيکاريل آهي ان مان اندازو ٿئي ٿو ته اڳتي هلي هيءَ بغاوت ڪري ڪو پنهنجي لاءِ نئون رستو ٺاهيندي، پر ائين نٿو ٿئي. ڏنو وڃي ته حقيقي زندگيءَ ۾ ڪيترين ئي اهڙين باشعور عورتن ان کان به وڌيڪ تشدد برداشت ڪندي زندگيءَ تان ئي هٿ کنيو آهي. جنهن جو مثال بکر جمالي نيو سعيد آباد جي افشان جمالي، حيدر آباد ۽ سنڌ جي ٻين ضلعن مان به اهڙا واقعا رپورٽ ٿيا آهن.

جديديت پڄاڻان پيار جي پرڻن جو انجام ان کان به ڀيانڪ صورتن ۾ ٿيندي نظر اچي پيو. اڪبر لغاري ادبي تقيد جي تاريخ ۾ لکي ٿو، ”مابعد جديد صورتحال ۾ اڄ جو انسان ٻن غير انساني قوتن جي وچ ۾ ڦاسي پيو آهي، هڪ سرمائيداري ٻيو ٽيڪنالاجي. اهي ٻئي قوتون انسان مان هر اهو قدر ڪوري ڪڍڻ چاهين ٿيون جيڪو سندن لاءِ(مادي طور) مفيد نه هجي.“[٧] ان چار ۾ قاتل اڄ جو انسان انسانيت جا سمورا ليڪا لتاڙيندو وڃي پيو. جديديت پڄاڻان لقائن ۾ انسان صرف ڏيکاءَ ۽ ۽ عارضي لذت جي پويان سمورا انساني فطري احساس ۽ جذبا وڃائي ڇڏيا آهن. ڪهاڻيءَ ۾ ظاهر پرست ڪردار پنهنجي پڙهيل لکيل باشعور همسفر ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ ٻار سان محبت بجاءِ نفرت ۽ تشدد جي ڪوڪلي واٽ وٺي ٿو.

’ڏڳو پير پيران‘ ڪهاڻيءَ ۾ ڪاڇيلي ڏڳي جي علامتي ڪردار ذريعي حلال جانورن جي زندگي، احساسن، ڪارج ۽ حقن تي طويل اثرائتي ڪهاڻي آهي. ’ڇهاءُ‘ ڪهاڻي وچولي طبقي جي عورت جيڪا جاکوڙ ڪري اڳتي وڌي سماج جي خدمت ڪري ٿي، ان سان ٿيندڙ اجتماعي جنسي ڏاڍائي ۽ تشدد جي درد ڪٿا آهي. ظاهري ٻُت ٻڌل درندا ڪير هئا، سيني کي سُٽ پئي تي پر ڪجهه نه نٿو ٿئي. هو ملڪ جي سڀ کان سگهاري ڌر آهن. هن ڪهاڻي جي مُک ڪردار ڀاونا اذيتن جي رُڃ کي ڀوڳيندي هن طرح محسوس ڪري ٿي ”ڀاونا ڪنهن اونهاڙ ۾ اونهو لهندي گهرو ۽ ڳنڀير ٿي سوچي ٿي ته هتي رڳو ماڻهن سان بلاتڪار ڪو نه ٿا ٿين ، پر اهڙا ڪيس قهر پوري سڄي ساري اتهاس ۽ تهذيبن سان پڻ ٿين ٿا، قدرتي آفتن فتنه انگيزين، وبائن بلائن، تباهين ۽ جنگي حالتن، توڙي حاڪمن جي غلط ڪاررواين، ۽ جابرن جي جبر کان ڌڪجي، ڪنيجي، گهر کان بي گهر ٿي، تڙجي دربدر ٿيندي ماڻهو مرڻ کان اڳ مرن ٿا ۽ ڏاڍن جي ڏاڍ کان ڏڪندي چڙوچڙ ٿيندي ذهني جذباتي روئيداد، سماجي مالي بدحاليءَ ۾ بي سهارا ٿي گم ٿي وڃن ٿا.“[٨] انساني اذيتن درد تڪليف، ڀوڳنائن ۽ پيڙا جي هڪ سچي تصوير ڪهاڻيءَ ۾ موجود آهي. هيءَ ڪهاڻي ڏاڍ ، جبر، ناانصافي، انڌوڪار ۽ وحشت جي راڄ واري سماج جي ڪٿا آهي. جنهن اڄ به ڪيترائي انسان ان ساڳي ڪرب، درد ۽ اذيت کي ڀوڳين پيا.

ڪتاب جي نالي واري ’يارم پيارم‘ ڪهاڻي ءَ ۾ رومانس ۽ اين جي اوز جي ڪردار ڪردار ذريعي سنڌ جي دردن جي ڪٿا بيان ڪئي وئي آهي. سندس شعور، سوچون ۽ درد سنڌ جي ان طبقي جي سمورن ڪردارن جي نمائندگي ڪندڙ آهي. اين.

جي. اوز جو ٻوڏن ۾ ٻين تباهين کان پوءِ صرف ظاهري همدردي ۾ ڏيکاءَ جيڪو ڪنهن بہ سماج کي پنهنجي ٻل تي اڳتي وڌڻ ۾ مسئلن مان نڪرڻ واري صلاحيت کي ختم ڪندڙ آهي. ان جي جهلڪ بہ هن ڪهاڻيءَ ذريعيءَ ڏيکاري وئي آهي. ٻيو پاسو رومانس جو جيڪو فطري ۾ معصوم جذبن سان ڀرپور آهي، اهو ڪهاڻيءَ تي وڌيڪ حاوي آهي. هيءَ ڪهاڻي بہ ٻين ڪهاڻين جيان مڪمل ناولٽ جو روپ رکي ٿي.

هن مجموعي جي آخري ڪهاڻي 'لهرن ليکو ناهہ ڪو، جت ڪپر ڪن ڪارا' نهايت اهم موضوع تي لکيل آهي. هند ۾ سنڌ جي ٻن سڄاڻ ، پنهنجن شعبن ۾ ماهر عورتن جي ڪردار ذريعي ڪرونا وبا واري دور جي حالتن، سببن ۾ ان مان نڪرڻ واري فڪر تي مشتمل بهترين ڪهاڻي آهي.ڪرونا وبا جنهن سڄي دنيا جو ساهہ سڪائي ڇڏيو هو. انسان کي فطرت سان ڪيل هٿ چراند ڳچيءَ ۾ پئجي چڪي هئي. هند جي اوروه ۾ سنڌ جي سمارا لنڊن ۾ هن وبا تي ۾ ان ئي تسلسل ۾ اڳ پيدا ٿيندڙ ٻين اهڙن هاڃيڪار جيوڙن تي سائنسي سوچ مطابق انگن اکرن سان تجزيو ڪن ٿيون. هڪ معاشيات جي ماهر آهي، هن پيدا ٿيل صورتحال کي ان نظر سان ڏسي ٿي، ٻي ليبارٽري سائنس جي ماهر جنهن جو سڌو واسطو ڪرونا سان آهي. ڪهاڻيءَ ۾ مختلف دورن ۾ ايندڙ وبائن ۾ موتمار جيوڙن جو بيان ، انهن جي سماجن تي اثر ۾ نتيجن کي بہ پيش ڪيو ويو آهي. وبائن مان سبق نہ سکندڙ انساني شعور تي سوال بہ اٿاريا ويا آهن لکي ٿي، ”پر سوال آهي تہ جيڪڏهن انسان وبائن کان ڪجهہ نہ سکيو تہ ڇا سکيو؟ وبائي بيمارين دنيا جون اکيون وقت سر ڇو ڪونہ کوليون ۾ ڇو ڪونہ سوچيو ويو تہ جي ائين جوجڙن جراثيمن جو ڌاڪو قائم رهيو تہ مستقبل ۾ ڪو وڏو وبال ۾ ڪال بہ ممڪن ٿي سگهي ٿو. انسانن اهو ڇو ڪو نہ سوچيو تہ اهڙي ترقي ڪهڙي ڪم جي، جتي سڀ ڪجهہ هڪ جوجڙي ۾ جيتڙي جي داءَ تي لڳل هوندو ؟ انسان ڇا واقعي عمومي طور بي خبريءَ بود ۾ مستيءَ ۾ رهڻ ٿو چاهي، ڪا ڪوڙ بدوڙ جي بازار گرم رکڻ ٿو چاهي. پنهنجي مڱيءَ جي مارڪيٽ ۾ مانگر مڇ وانگر اکيون مڇڪائي، ماڻهن کي مرتيو گهاٽ تي لاهيندو پاڻ وينو جاوا ڪندو.اهو ڪهڙو ماڻهو آهي جيڪو ائين ٿيڻ ڏئي ٿو. اهي ڪير آهن جيڪي پنهنجي ئي جاتيءَ يعني انسان ذات جا بدخواه بڻيل آهن؟“[۹]

وڌندڙ انساني شعور، ٽيڪنالاجي، ڊجيٽلائيزيشن، اي آءِ ۾ ٻين آسانين باوجود انساني بيوسيءَ جا سبب پڌرا آهن. هر طرح جي طاقت هڪ مخصوص طبقو پاڻ وٽ رکڻ چاهي ٿو. سڄي دنيا کي پنهنجي مارڪيٽ ٺاهي، ان ۾ پنهنجي مرضيءَ جي وکري جو وکر رکي ان تي پنهنجو قبضو رکڻ چاهي ٿو. ”ڊجيٽلائيزڊ دنيا هڪ وڏي منڊيءَ ۾ تبديل ٿي چُڪي آهي، بلڪ هاڻ منڊي هر گهر ۾ موجود آهي، واپاري ڪمپنيون روز نيون شيون متعارف ڪرائي رهيون آهن جيڪي هر ماڻهوءَ کي ورچوئل دنيا ۾ وٺي وڃن ٿيون. هو حقيقت کان ڪٽجي وڃن ٿا . سندن اعتماد، جذبا، رشتا، جدوجهد، محنت، صبر، برداشت ، سڀ ختم ٿيو وڃي.[۱۰] هي دنيا جي پوسٽ ماڊرن صورتحال آهي. اڳتي ڪهاڻيءَ ۾ انهن سوالن جا جواب بہ موجود آهن. لکي ٿي، ”ڊجيٽل مارڪيٽ جي ڊوڙ ۾ چند وڏن مالدارن جون مال ميڙڻ جون رٿائون، اصل ۾ پئسي ڪمائڻ جون مشينون آهن. دنيا جي وڏي آباديءَ کي غربت ۾ مرضن جي مصيبت ۾ ڌڪو ڏئي رهيون آهن. هي فاسٽ فوڊ جون فرنچائيز، هي فيڪ فوڊ جون فيڪٽريون، ڊجيٽل ايگريڪلچر ۾ ڊجيٽل فوڊ فيڪٽريز جهڙا هاڃيڪار پلان تيزيءَ سان ترقيءَ جي نالي ۾ گدلاڻ کي وڌائي رهيا آهن. ٻہ نمبري ۾ جعلي پروڊڪٽس سستي اگهہ ۾ وڪڻي رهيون آهن.“[۱۱] اهڙا ڪيترائي هن سماج جا ٻيا لقاءَ بہ آهن، جن جي ڪري هي بي قابو وبائون انساني زندگيءَ کي ڳڙڪائي رهيون آهن. ڪهاڻيءَ ۾ پوسٽ ماڊرن صورتحال سان گڏ وبائن ۾ خطرناڪ جيوڙي ڪرونا خلاف جدوجهد کي پيش ڪيو ويو. مقصد سان رومانس، ڪرونا بعد پيدا ٿيل صورتحال ۾ ڪردارن جي لاڳيتار اڻ ٿڪ ڪوڄ، حالتن مان نڪرڻ لاءِ نئين ڏگ جي تلاش، انساني جوجهد جو وڏو مثال ڪهاڻيءَ ۾ موجود آهي.

زبيده جو ٻيو مجموعو تازو هن سال 2025ع ۾ 'واڱڻائپ' جي نالي سان شايع ٿيو آهي. ڪهاڻين تي واڱڻائي رنگ ڇانيل آهي. واڱڻائي رنگ فيمينزم جو اهم اهڃاڻي رنگ آهي. هي رنگ عورتن جي حقن ۽ مساوات لاءِ جدوجهد جي سڃاڻپ آهي. انگليند ۾ سال 1900ع جي ڏهاڪي کان هي رنگ ان فڪري تسلسل ۾ خاص اهميت رکي ٿو. عورتن جي آزادي، تحفظ، طاقت ۽ خود مختياريءَ طور به هن رنگ جو علامتي استعمال ڪيو ويو آهي. ليکڪا 'ڪايا پلٽ' نالي ڪهاڻيءَ ۾ هن رنگ جي پاڻ به تشريح ڪئي آهي لکي ٿي، ”مون پڇي ورتو معنيٰ واڱڻائي رنگ هاڻي تنهنجي سڃاڻ ٿي چڪو آهي، وراڻيئين ها ماسي، شايد ان ڪري جو هي آزاد اڏامر جو رنگ آهي جيڪو مون کي ساري ملڪ جي ياترا ڪرائي، فطرت سميت انهن ڏتڙيل ۽ اجهاڻيل انسانن تائين لازمي رسائيندو.“[١٢] هتي هي رنگ سموري مظلوم انسانيت جي نمائندگي ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. پر ڪهاڻين ۾ هن رنگ تي فيمينزم فڪر وڌيڪ حاوي آهي. توڙي جو موجوده حالتون ۽ سماج هاڻي گهڻو اڳتي نڪري چڪو آهي. عورت سماج ۾ هر جاءِ تي پاڻ مڃائي رهي آهي. جتي جتي علم ۽ شعور جي کوٽ آهي سماج اڃا جهالت جي اونداهيءَ ۾ گهيريل آهي، اتي عورت اڄ به پيو ڳي رهي آهي، پر اهڙين حالتن ۾ ڪابه تحريڪ عورت کي نجات ڏياري ناهي سگهي. ان کان علاوه موجوده دور ۾ عورتن جي حقن ۽ آزاديءَ جي ڳالهه ڪندڙ ادارن ۽ فورمن جا سلوگن گهڻا تبديل ٿي چڪا آهن.

هن مجموعي جي پهرين ڪهاڻي 'واڱڻ واهرو' جي نالي سان آهي. مونولاگ واري انداز ۾ لکيل هن ڪهاڻيءَ ۾ مک ڪردار پُڦي آهي. جنهن جي درد ڪٿا سندس ڀائٽي هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻڌائي آهي. پيءُ جي وفات بعد ڀيڻ، ڀائرن ۽ سندن گهروارين جي رحم ڪرم تي زندگي گذاري رهي هئي. هي هڪ عورت جو پنهنجي بنيادي حقن کان محروم ڪردار آهي. واڱڻ شوق سان واپرائيندڙ، ڪانون جي لاءِ چوڳو رکندڙ جيڪي سندس آخري سفر ۾ سندس جنازي سان گڏ هلن ٿا. فطرت جي هن جهان ۾ پکي به پيار ۽ همدرديءَ جي ٻولي سمجهن ٿا. پر انسان، انسان کي نٿو سمجهي يا سڀ ڪجهه سمجهي ٿو، پر پنهنجي خود غرضي ۽ مفادن کي ترجيح ڏئي ٿو. ڪيترائي سڀاڃها سيبتا سداحيات ڪردار حالتن جي بي رحميءَ جو شڪار ٿي صبر ۽ سانت ۾ خاموشيءَ سان موڪلايو وڃن. هن ڪهاڻيءَ جي پڦي به هڪ اهڙو ئي ڪردار هئي. هن مجموعي جي ٻي ڪهاڻي 'وصيعت' جي عنوان سان آهي. ڪهاڻي اڳوڻي فطرت جي حسن سان ڀريل ماحول کي پيش ڪندي ان جي زوال تائين پهچي ٿي. بنيادي موضوع واڱڻائي برقعي جي پراسراريت آهي، جيڪو نيروليءَ جي دڪان تي سالن کان ٽنگيو پيو هو. ان اسرار کي نوجوان نيرولي پنهنجي پيءُ جي ڪيل وصيعت ذريعي هن طرح ظاهر ڪيو ويو آهي. ”وڏي کي مئي ڳپل وقت ٿيو آهي. هن وڃڻ کان اڳ بوسڪيءَ جو برقعو سبائي رنگائي ٽنگيو هو ۽ وصيعت ڇڏيائين ته واڱڻائيءَ جي واهر ڪجو، هيٺ نه لاهجوس. جي پڇيو ته وري رڱي ٽنگي ڇڏجوس.“[١٣] وڌيڪ ڄاڻايو ويو آهي ته واڱڻائي رنگ جو برقعو خاص انهن وڏ گهراڻي عورتن لاءِ آهي، جن جون شاديون نٿيون ڪرايون وڃن، اهي جڏهن گهر کان ٻاهر دوا درمل يا ڪنهن ٻئي ڪم سان نڪرنديون آهن ته هي مخصوص رنگ جو برقعو ضرور پائينديون آهن.

هن مجموعي جي ڪهاڻين تي واڱڻائپ حاوي آهي. ان سان گڏ ڪارپوريٽ دنيا جي تبديل ٿيندڙ حالتن، واقعن ۽ ٻين ڪيترن ئي جديديت پڄاڻان جي لقائن کي به پيش ڪيو ويو آهي. مظلوم انسانيت جو آواز فطرت ۽ فطري ماحول جي بقا جو موضوع به ڪهاڻين ۾ شامل آهي. مذهب، سيڪس، انساني ڪردار جا ڪيترائي نفسياتي رخ به ڪهاڻين جو حصو آهن. سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر جي حالتن ۽ واقعن ۽ ڪردارن جو تقابل به ڪيو ويو آهي. انساني تاريخ جي المين ، جستجو ۽ جاکوڙ کي به پيش ڪيو ويو آهي. واڱڻائي رنگ هر ڪهاڻيءَ ۾ موجود آهي. جنهن ڪري ڪٿي اهو مصنوعي ۽ ليکڪا جي سوچ ۽ نظريي کي ڪردارن مٿان زوريءَ مڙهيل به نظر اچي ٿو. زبيده ميتلو جي ڪهاڻين جي ٻي خاص ڳالهه آهي نج نبار وٽندڙ ٻوليءَ جو

استعمال. ٻوليءَ جي نج واهپي سان گڏ تجنيس، تشبيهه جو به وڻندڙ استعمال ڪيو ويو آهي. ان لاءِ به ڪهاڻين ۾ ايتري شعوري ڪوشش ورتي وئي آهي، جو ڪيترائي متروڪ ۽ عام واهپي ۾ نه ايندڙ لفظ به ڪهاڻين ۾ موجود آهن. ڪهاڻيون ليکڪا جي روشن خيالي، جرئت ،عورتن جي مسئلن، سوچ ۽ هائبرڊ دنيا جي وهڪري ۾ لڙهندڙ سماج جا ڪيترائي رخ پيش ڪن ٿيون. هن ٻئي ڪهاڻين جي مجموعي ۾ خاص طور هوءَ هڪ فيمينزم ڪهاڻيڪار طور نظر اچي ٿي. جدوجهد، رومانس ۽ جديديت پڄاڻان جا لقاءَ هن مجموعي جي ڪجھ ڪهاڻين ۾ به موجود آهن. پر پهرين مجموعي يارم پيارم ۾ ڄاڻايل فڪري لاڙا وڌيڪ آهن. واڱڻائپ مجموعو، عورت جي خود مختياري، حقن، سندس احساساتي رنگن سان ڀرپور آهي. جنهن ڪري واڱڻائي رنگ ڪهاڻين تي حاوي آهي. ڪهاڻين ۾ خيال ۽ فڪر جي گهرائي، اظهار ۾ وسعت آهي. جنهن ڪري هن مجموعي جو نالو 'واڱڻائپ' بجاءِ 'واڱڻائي ڌرتي' وڌيڪ بهتر ٿئي ها. واڱڻائپ لفظ ۾ سطحيت آهي. جڏهن ته ڌرتي عورت جيان نه صرف تخليق جو سرچشمو آهي ، پر هزارين رنگن، خوشبوءِ، جماليات ، نزاڪت، ڏک ۽ سک سڀ ڌرتيءَ جو حصو آهن. هن مجموعي تي فيمينزم جي لاڙي جي پس منظر ۾ وڌيڪ تفصيلي اڀياس جي ضرورت آهي.

## حوالا


1. ميتلو زبيده، 'يارم پيارم'، ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي، 2022ع، ص: 39.
2. ساڳيو ،ص: 61 .
3. ساڳيو، ص: 104.
4. جولين بارنيس، (انٽرويو) مترجم عبدالقادر جوڻيجو، 'ادب اندر ۾ وينل جن پوت'، ماءِ پبليڪيشن سکر، 2014ع، ص: 122.
5. ميتلو زبيده، 2022ع، 'يارم پيارم'، ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي، ص: 119.
6. ميتلو زبيده، (ڪهاڻي ايگو شيگو) 'يارم پيارم'، ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي، 2022ع، ص: 182.
7. لغاري اڪبر، ادبي تنقيد جي تاريخ، ماءِ پبليڪيشن سکر، 2016ع، ص: 147.
8. ميتلو زبيده، 'يارم پيارم'، ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي، 2022ع، ص: 295.
9. ساڳيو، ص: 564.
10. ميمڻ ڊاڪٽر غفور، 'يوٽوپيا ڪان ڊس ٽوپيا'، مرڪ پبليڪيشن ڪراچي، 2023ع، ص: 57.
11. ميتلو زبيده، 'يارم پيارم'، ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي، 2022ع، ص: 565.
12. ميتلو زبيده، 'واڱڻائپ'، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2025ع، ص: 165.
13. ساڳيو، ص: 16.